# ٻارن لاء بائبل
# تحفو

## يسوع ۽ لعزر



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2022 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

مريم ۽ مارٿا پريشان هُيون. سندن ڀاءُ لعزر بيمار هو - ڏاڍو بيمار هو. ڀينرن کي خبر هئي ته لعزر جلد ئي مري سگهي ٿو. انهن يسوع کي سڏايو. هُن کي بيت عنياه جي ننڍڙي خاندان سان پيار هو.



جڏهن يسوع لعزر جي باري ۾ ٻڌو ته هن پنهنجن شاگردن کي چيو ته "هي بيماري موت سان ختم نه ٿيندي." جيتوڻيڪ يسوع کيترائي ميل پري هو، هن کي خبر هئي ته لعزر سان ڇا ٿيڻ وارو هو.




يسوع بيت عنياه ڏانهن وڃڻ کان اڳ وييڪ به ڏينهن انتظار
ڪيو. ان کان پوء هن ڪجهه اهڙو چيو جو هن جي شاگردن
کي حيران ڪيو. "لعزر مري ويو آهي، مون کي خوشي آهي ته
مان اتي نه هوس ته توهان ايمان اٽي سگهو." انهن عجيب لفظن
جو مطلب ڇا هو؟
يسوع ڇا
ڪرڻ
جي
رٿابندي
ڪئي هئي؟


جڏهن يسوع بيت عنياه ۾ پهتو ته لعزر
کي مئل چار ڏينهن ٿيا هئا.
سندس لاش، قبرن جي
ڪپڙن ۾ ويڙهيل،
هڪ
غار
وانگر قبر ۾ هو.

مارٿا يسوع سان ملڻ وي. "تنهنجو ڀاءُ وري جيئرو ٿيندو،"
يسوع چيو. "مون کي خبر آهي - قيامت جي آخري ڏينهن ۾،"
مارٿا جواب ڏنو. هن سوچيو ته هن کي لعزر کي پيهر ڏسڻ لاءِ
وقت جي آخر تائين انتظار ڪرڻو پوندو. پر يسوع جو مطلب



ڪجهه
پيو هو.



"مان قيامت ۽ زندگي آهيان،"
يسوع مارٿا کي چيو. "جيڪو
مون تي ايمان آڻيندو، جيئرو
رهندو جيتوڻيڪ هو مري."
مارٿا يسوع تي ايمان آندو.
هوء ڄاڻي ٿي ته هو خُدا
جو فرزند هو. پر
هو لعزر جي مدد
ڪيئن ڪري
سگهي ٿو؟

هرڪو غمگين هو چاڪاڻ ته لعزر مري ويو هو. سندس ڀيڻ مريم روئي رهي هئي. ائين ئي هن جي سهليون به جن هن کي تسلي ڏيڻ جي ڪوشش پي ڪئي. يسوع پڻ روئي پيو.



يسوع ماڻهن سان گڏ قبر
ڏانهن ويو. قبر جي درتي
هڪ وڏو پٿر رکيل هو.



"پٿر کي هٽايو،" يسوع حڪم ڏنو.
"خُداوند،" مارٿا جواب ڏنو، هن
وقت تائين بدبو اچي رهي
آهي، چاڪاڻ ته هن کي
مرندي چار
ڏينهن ٿيا
آهن.




يسوع جي حڪم
تي ماڻھن پٿر ڪٽي
ھٽايو. پوءِ يسوع
پنھنجي آسماني پيءُ کان
دعا گھري. يسوع ايترو
وڏو معجزو ڪرڻ وارو
ھو تہ جيئن ماڻھو ڄاڻين تہ
خُدا کيس موڪليو آھي.


"لعزر!" يسوع
وڏي سڏ چيو. "ٻاهر
اچو!" ماڻهن حيرت
مان غار ڏانهن ڏٺو
هوندو. ڇا يسوع مئل
انسان کي جيئرو
ڪري سگهي ٿو؟


ها! لعزر
غار مان
ٻاهر آيو،
پنهنجي سپئي
قبرن جي
ڪپڙن ۾
ويڙهيل -
زنده!


"هن کي کوليو،" يسوع چيو. "هن کي وڃڻ ڏيو."
ڪهڙي خوشي هئي! ڳوڙها کلڻ ۾ بدلجي
ويا. يسوع پنهنجو لفظ رکيو هو. لعزر
وري جيئرو هو. صرف خُدا جو
فرزند مئل انسان کي جيئرو
ڪري
سگهي ٿو.

ڪيترن ئي ماڻهن جن اهو معجزو ڏٺو، يسوع تي ايمان آندو. پر ڪن ٻين سندس دشمنن - هيڪل جي اڳواڻن کي ٻڌايو. هنن حسد ڪري يسوع کي مارڻ جي سازش ڪئي. جڏهن يسوع کي اها خبر پئي ته هو ٿوري دير لاءِ اُنهن کان روانو ٿي ويو.



يسوع ۽ لعزر

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

يوحنا ١١.

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏوڏئي."
زبور 119: 130


ختم

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيڪاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڃاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۡ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۡ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.